# ٽي مَڇِيوُن

هِڪڙو تَلاءَ هوُندو هو، اُهو تَلاءَ سَجو سالُ پاڻيءَ سان پرَيل هوُندو هو. جَنهن ۾ سُهِڻيوُن سُهِڻيوُن مَڇيوُن رَهَنديوُن هُيوُن . ٽي مَڇِيوُن پاڻ ۾ پڪيوُن ساهيڙيوُن هُيوُن، پَرَ هِنَنَ جي سوچَ هِڪَ ٻِئي کان جُدا جُدا هُئي.
پَهِرين مَڇي سِياڻي هُئي. اُها چوندي هُئي،" اَسانکي ڪُجهُ بہ ڪَرَڻَ کان اَڳي سوچَڻ گُهرجي."
ٻِين مَڇي هوُشيار هُئي، جَڏهن ڪا مصيبَتَ اچي تہ اَسانکي سوچي اُن جو حَلُ ڳولهڻَ گُهرِجي."
ٽِين مَڇيءَ جو نَصِيبَ ۾ وِشواسُ هو. اُها چوندي هُئي ،"جيڪو بہ ٿيڻو آهي اُهو ضَروُر ٿِيندو. اُهو سَڀ نصِيبَ
تي آهي."
هِڪَ ڏِينهِن پَهِرينءَ مڇيءَ ٻِنِ مُهاڻَنَ کي پاڻ ۾ هَڪَ ٻئي سان ڳالهائيندو ٻُڌو." اَڙي! هي تہ ڏِسُ، هن تلاءَ ۾ ڪيتريوُن تہ ٿلهيوُن متاريوُن مڇيوُن آهن. مان سڀاڻي وري اِينڌُس ۽ اچي هنن کي ڦاسائِيندُس."
اِهو ٻُڌِي ، سِياڻي مَڇي يَڪدَم پنهنجي ساهيڙِيُن وٽ وُڃي پهُتي ۽ جيڪوبہ ٻُڌو هُئائِنِ سو ٻِين کي وڃي ٻُڌايائِنِ.
سِياڻي مڇيءَ چيو، " اَسانکي يڪدَمُ هيءُ تَلاءُ ڇَڏي ڪَنهنَ ٻئي هَنڌِ وَڃڻ گُهرجي."
" نہ نہ ! اَسانکي مُهاڻِن جي اَچڻ تائِين تَرسَڻِ گُهرجي. جَڏهنِ هوُهِتي اِيندا تَڏهن اَسين هِتان ڀَڄَڻَ جي ڪانہ ڪا واهہ سوچِينداسين."
ٽِين مَڇيءَ چَيو، " اَڙي! توهان بَسِ بہ ڪَنديوُن يا نہ؟ موُن سَڄي حَياتي هَنَ تَلاءَ ۾ گذارِي آهي، مان چو ڇَڏيان ؟ جيڪو ٿِيڻو هوُندو سو اَوَس ٿِيندو. اَجائي ڇِنتا چو ڪَجي؟
اِهو ٻڌي سِياڻي مڇي ڊِڄي ويئي، هِنَ يڪدم تلاءُ ڇَڏَڻَ جو فيصلو ڪَيو.
ٻئي ڏِينهن صُبح جو مُهاڻو آيو ۽ تلاءَ ۾ ڄارِ وِڌائِين.
ڪافي مَڇيوُن ڦاٿيوُن ۽ اُنهن ۾ سياڻي مڇيءَ جوُن ٻَئي ساهيڙيوُن بہ هُيوُن.
ٻِي مڇيءَ جَلدِي پَنهنجي جان بَچائڻَ جي رِٿَ ناهي. هوءَ ڄار ۾ ائِين پيئي رَهي ڄڻِ تہ مُئل هُئي.
مُهاڻي چيو،"هَئِڙِي مَڇيءَ ڪَٽَڻَ مان ڪهڙو فائدو؟" سو هِنَ ٻي مڇيءَ کي پاڻيءَ ۾ ڦِٽو ڪيو.
تہ اُها ٽِپُ ڏِيئي هلي ويئي.
هاڻي ٽِين مڇي جنهن جو نَصِيبَ ۾ وِشواس هو.اُها پاڻَ کي بچائِڻَ لاءِ ٽِپُ ڏِيئي اُٿي بيِني ۽ پاڻَ کي ڄار مان ڇَڏائڻ جي ڪوشِشِ ڪَرَڻَ لڳِي.

مُهاڻي اِهو ڏِسي اُنکي يڪِدَم چارِ مان ڪڍي ڪَري پَنهنجي ٽوڪريءَ ۾ وڌو. اِن طَرَحَ پَهرِيُن بِنَ مَڇيُن پنهنجي جانِ بچائي ۽ ٽِين مَري ويئي.
سو ٻارو! هَميشَهه ڪُجُهه بہ ڪَرَڻَ ڪان اڳُ پوُري طرح ويِچارُ ڪَرَڻُ گُهرجي، جيئِن اَسِين مُصيِبَت ڪان بچي سَگهوُن.